SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.I OF 2014

# The Sindh Prevention and Control of Thalassemia Act, 2013

# ٿيليسيميه جي بچاءَ ۽ ضابطي ۾ رکڻ وارو سنڌ ايڪٽ 2013ع

2014ع جو سنڌ ايڪٽ نمبر 1.

## فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

دفعئات (Sections)

1. مختصر عنوان، حد عمل ۽ لاڳو ٿيڻ

(Short title, extent and commencement)

2. وصفون

(Definitions)

3. ٿيلسيميه بابت معلوماتي ۽ تعليمي مواد

(Informative and educational materials on thalassemia.)

4. لاياٿتي قدم کڻڻ لاءِ رياستي ذميواري

( State obligation to make affirmative action)

5. شاديءَ کان اڳ ٿيلسيميه بابت رت جي چڪاس

(Blood test for thalassemia before marriage.)

6. چڪاس بابت رپورٽ

(Reporting of test result.)

7. لازمي چڪاس

(Compulsory test)

8. ڏنڊ

(Penalty)

9. ٿيلسيميه (Thalassemia) ۽ هيموگلوبينوپيٿي Hemoglobinopathy فائونڊيشن جو قيام.

(Establishment of the Thalassemia and Hemoglobinopathy Foundation)

10. قاعدن ٺاهڻ جو اختيار

(Power to make rules)

11. ڏوهه سزا جوڳو ۽ ڪيس هلائڻ جوڳو هوندو.

(Offence to be punishable and triable)

12. ڏوهه بابت عدالتي اختيار

(Cognizance of an offence)

13. هي آرڊيننس (Ordinance) ٻين قاعدن کي بي اثر ڪري ڇڏيندو

(Ordinance to over ride others laws etc. )

14. هاڃي کان بچاءَ جي پڪ.

(Indemnity)

# The Sindh Prevention and Control of Thalassemia Act, 2013

# ٿيليسيميہ جي بچاءَ ۽ ضابطي ۾ رکڻ وارو سنڌ ايڪٽ 2013ع

[27 جنوري 2014]

ٿيلسيميہ کان بچاءَ ۽ ان تي ضابطي آڻڻ بابت ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اها وقت جي تقاضا آهي تہ سنڌ صوبي کي ٿيلسيميہ کان بچائجي ۽ ان کي ضابطي هيٺ آندو وڃي.

ان ڪري هن ريت ايڪٽ لاڳو ڪيو وڃي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات (Short Title and Commencement)

**1. (1). هن ايڪٽ کي سنڌ ۾ ٿيلسيميہ جي بچاءَ ۽ ضابطي هيٺ آڻڻ وارو ايڪٽ The Sindh Prevention and Control of Thalassema ACT, 2013 چيو ويندو.**

(2) هيءُ ايڪٽ سموري سنڌ سان لاڳو ٿيندو.

(3) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ اهو سمجهيو ويندو تہ 8 آگسٽ 2013 کئن لاڳو ڪيو ويو آهي.

وصفون (Definitions)

2. هن ايڪٽ ۾، سواءِ ان جي تہ مضمون جي حوالي سان ڪا منحرف ڳالهہ نہ هجي تہ ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جون وصفون هن ريت ٿينديون.

(الف) "رت جا رشتيدار" (blood relatives) جو مطلب آهي سڏا ۽ ويجها عزيز، چاچيون ۽ چاچا بشمول مريض جي پيءُ ۽ ماءُ جا ڀائر ۽ ڀينرون، مريضن جي چئچن ۽ چاچين جا ٻار ۽ سندس پيءُ ماءُ جو اولاد.

(ب) حڪومت (Government) جو مطلب آهي سنڌ سرڪار.

(ت) "صحت جي سنڀال جي سهولت" (health care facility ) معنيٰ سرڪاري، غير سرڪاري، نيم سرڪاري يا خانگي ادارو يا تنظيم، يا خانگي طور

تي حڪمت ڪندڙ جيڪو سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح ٿيلسيميہ جي مريضن جي سنڀال ڪري، ۽ جن ۾ پڻ ڏينهن جو سنڀال وارا مرڪز (day-care centre) اچي وڃي ٿو.

(ث) "قاعدا" (rules) جو مطلب آهي اهي قاعدا جيڪي هن ايڪٽ مطابق جوڙيا وڃن.

(ج) "ٿيلسيميہ" (thalassemia) معنيٰ اهو مرض جنهن ۾ ٻار يا جوان ونجي وڃي ۽ جيڪا رت جي ڳاڙهن جزن جي ڪميءَ سبب خانداني طور تي پيدا ٿي هجي.

(هہ) "امتيازي خاصيت" (trait) جو مطلب آهي ٿيلسيميہ جي اها صورت جنهن ۾ بيماري جي تشخيص صحيح نموني سان نہ ڪئي وڃي ۽ اهو سمجهيو وڃي تہ فولاد جي ڪميءَ (iron deficiency) سببا آهي يئ جيڪڏهن رت جي جاچ پڙتال صحيح نموني سان نہ ڪئي وئي.

**ٿيليسيميہ بابت تعليمي ۽ معلوماتي مواد**
**Informative and educational materials on thalassemia**

3. حڪومت اعتراض و مقاصد جي روشنيءَ ۾ مرض بابت معلوماتي ۽ تعليمي اهميت وارو مواد مهيا ۽ منظور ڪندي ۽ سرڪاري پڌرائي ذريعي آفيشل گزيٽ Official Gazette ۾ ان بابت هدايتون، رهنمائيون، حڪمت عمليون ٻڌائيندي تہ جنهن پٽاندڙ معلوماتي مواد ڇپرايو ۽ ورهايو ويندو.

**مفيد قدمن کڻڻ بابت حڪومت جي ذميواري**
**State obligation to take affirmative action**

4. (1) سرڪار اهڙو مضبوط ۽ موثر خاڪو جوڙيندي ۽ ان تي عمل ڪندي، ۽ ٻٽيادي صلاح مصلحت (genetic counseling) ۽ مرض جي تشخيص جون اهڙيون سهولتون سنڌ واسين کي فراهم ڪندي ۽ اهڙا اپاءَ وٺندي جنهن منجهان ماڻهن جي همت افزائي ٿئي تہ هو صلاح مشوري ۽ رت چڪاس ذريعي ٿيلسيميہ مرض جو پتو لڳائي سگهن.

(2) ڪا بہ غير سرڪاري تنظيم ٿيلسيميہ جي مريضن کي رت مهيا ڪري سگهي ٿي.

(3) سرڪار انهيءَ ڳالھ کي يقيني بڻائيندي تہ ٿيليسميہ جي مريضن کي آسانيءَ سان مرض سڃاڻڻ جون سهولتون ميسر ٿي سگهن.

**شاديءَ کان اڳ ٿيلسيميہ بابت رت جي چڪاس**

5. (1) صحت جي خيال رکڻ وارا سهولتون ڏيندڙ انهيءَ ڳالھ کي يقيني بڻائيندا تہ ٿيلسيميہ جي مريضن جي رت جي رشتيدارن جي اولاد جي انهيءَ مرض بابت

پلي پت جاچ پڙتال ڪئي وئي آهي.

Blood test for thalassemia before marriage.

(2) ٿيلسيميه جي مريضن جي رت جي رشتيدارن جون شاديون ٿين ته انهن کي صلاح ڏني وڃي ته جيئن هو شاديءَ کان اڳ واري رت چڪاس ضرور ڪرائين ته جيئن انهيءَ ڳالهه جي پڪ ٿئي ته منجهن انهيءَ مرض جا آثار موجود نه آهن.

(3) پيٽ سان عورتن جي ٻار جمڻ کان اڳ چڪاس (Antenatal test) ٿيڻ گهرجي ته جيئن ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته سندس ٻار ۾ ٿيلسيميه بيماريءَ جا آثار موجود نه آهن. پر ان لاءِ اها ڳالهه ضروري آهي ته حاملا عورت ۽ ور کان ان لاءِ رضامندو ورتو وڃي.

(4) سڀ غير سرڪاري مرڪز جيڪي ٿيليسيميه جي بيماري جي جاچ پڙتال ۽ دوا درمل جي ڪم ۾ رڌل آهن انهن کي هيءَ ڳالهه يقيني بڻائڻي آهي ته اهي پنهنجي سالياني بجيٽ مان 10 سيڪڙو ٿيلسيميه جي جاچ پڙتال ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ تي خرچ ڪندا.

(5) صحت جو خيال رکندڙ مرڪز (health care facility ) صلاح مصلحت جو ن سهولتون پڻ ميسر ڪندا ته جيئن مريضن جا مائٽ انهيءَ نقصان کان باخبر ٿي سگهن ته هو جيڪڏهن شاديءَ کان اڳ مرض جي جاچ پڙتال جو معائنو نه ڪرائيندا ته سندن اولاد انهيءَ مرض ۾ مبتلا ٿي سگهي.

(6) شاديءَ کان اڳ واري معائني جي مقصد کان پڻ گهوٽ ڪنوار پنهنجي رت جي جزن جي چڪاس مڪمل ڪرائڻ ۽ انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪن ته ڪنهن ۾ به ٿيليسيميه جي بيماري جا آثار موجود نه آهن.

(7) حمل دوران معائنو ڳورهاري عورت جو رضامندو ضروري آهي ۽ ان اها به ڄاڻ آهي ته هوءَ حامله آهي. مرض جي تشخيص ضروري طبي معائني وارن طريقن (chronic villous sampling and polymerase chain reaction.) سڀئن ڪنهن مرڪز يا اسپتال ۾ ڪئي ويندي جتي جاچ پڙتال جون سموريون سهولتون موجود هونديون.

معائني جي رپورٽ

Reporting of the test result

6. (1) رپورٽ انهن ماڻهن کي ڏني ويندي جنهن جو معائنو ڪيو ويو آهي جن ۾ جيڪڏهن ٿيليسميه جا آثار ٿي سگهن ٿا. اهڙن ماڻهن کي صلاح ڏني ويندي ته هو شادي ڪرڻ وقت اهو ذهن ۾ رکن ته جيڪڏهن شادي ڪندڙ ۾ ٿيليسيميه جا آثار موجود آهن ته هر حالت ۾ سندن اولاد ۾ اها بيماري پيدا ٿيندي.

(2) معائني جون رپورٽون ۽ نتيجا انهيءَ موضوع تي گڏ ٿيندڙ انگن اکرن واري رڪارڊ (data back) ۾ محفوظ ڪيا ويندا تہ جيئن ٿيليسميہ بيماري جا آثار رکندڙ ماڻهن جي رجسٽريشن (registration) ٿي سگهي.

(3) ڳورهاري دور جي معائني جا نتيجا حاملہ عورت ۽ سندس ور ۽ وارثن کي ٻڌايا ويندا.

**لازمي چڪاس**
**Compulsory test.**

7. اهي ماڻهو يا جيڪي ٻار ڄڻڻ واري حالت ۾ هجن انهن کي رت چڪاسڻ واري سادي طريقي (hemoglobin electrophoresis ) مطابق ٿيليسميہ جي صورتحال چڪاس ڪرائڻ گهرجي. پر انهيءَ ماڻهوءَ کان نہ تہ نمونا (sample) ورتا ويندا ۽ نہ وري سندس معائنو (test) جنهن جو هن ايڪٽ ۾ ذڪر ڪونهي ۽ جنهن جي رضامنديءَ کانسواءِ معائنو (test) ڪيو وڃي يا نمونا (sample) ورتا وڃن.

**ڏنڊ**
**Penalty.**

8. (1) ان صورت ۾ جڏهن صحت جو خيال رکندڙ مرڪز ( health care faculty) ڪا مناسب ڇنڊڇاڻ نہ ڪري سگهي تہ پوءِ ڄاتو ويندو تہ صحت جو خيال رکندڙ مرڪز (health care faculty) پنهنجي خدمت سرانجام ڏيڻ ۾ نئڪئم ويو آهي ۽ ان تي هڪ هزار رپيا جو ڏنڊ وڌو ويندو.

(2) جيڪڏهن انهيءَ صورت ۾ تہ صحت جو خيال رکندڙ مرڪز ( health care faculty)يا صحت سنڀال ڪندڙ تنظيم يا ڪوئي دوا درمل ڪندڙ ( medical practitioner) يا ڪو ٻيو ماڻهو ٿيليسميہ جو معائنو (test) ڪري ٿو يا انهيءَ مقصد لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ کان نمونا (sample) وٺي ٿو. پر ان لاءِ رضامندو نٿو وٺي تہ اهو پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 (Pakistan Penal Code, 1860) جي دفعي 337E هيٺ سزا لائق ٿيندو.

(3) صحت جو خيال رکندڙ مرڪز (health care faculty) لاءِ اهو لازمي هوندو تہ اها ٻٽئُتي صلاح مصلحت (genetic counseling) بابت معلومات ۽ بيماريءَ جي منتقل ٿيندڙ اثرن بابت ڄاڻ واسطيدارن کي مهيا ڪري، ۽ جيڪڏهن ان جي پوئواري لکت ۾ يا زباني طور تي نٿو ڪري تہ ان کي سندس فرض کان غفلت سمجهيو ويندو ۽ ان تي ڏنڊ وڌو ويندو.

**ٿيليسيميہ ۽**

9. (1) سرڪار پنهنجي پڌرنامي (notification) ذريعي هڪ فائونڊيشن قائم ڪندي جيڪو ٿيلسيميہ ۽ هوموگلوبينوپيٿي فائونڊيشن چيو ويندو.

| | |
|---|---|
| هوموگلوبينوپيٿي فائونڊيشن جو قيام. Establishment of the Thalassemia and Hemoglobinopathy Foundation. | (2) فائونڊيشن هڪ اهڙو ادارو (body corporate)هوندو جنهن کي دائمي ۽ لڳاتار طور تي پنهنجي مهر رکڻ، منقول ۽ غير منقول جائيداد خريد ڪرڻ ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ ۽ ان بابت قانوني چاره گوئي ڪرڻ جا اختيار هوندا. |
| | (3) هن فائونڊيشن جو صدر دفتر ڪراچي ۾ هوندو. |
| | (4) هي فائونڊيشن اهڙا قدم کڻندو جيڪي فائونڊيشن ۽ ان جي سنڌ جي طول و عرض ۾ قائم ٿيليسيميه جي بچاءَ ۽ دوا درمل لاءِ قائم مرڪزن (center) جي واڌاري، ترقي ۽ مالي مدد لاءِ ضروري هوندا، ته جيئن هن ايڪٽ جي سمورن پهلوئن جو پورائو ٿي سگهي. |
| | (5) هن فائونڊيشن جي جوڙجڪ ۽ ڪم جي طريقيڪار بابت سرڪار حڪم جاري ڪندي. |
| | (6) فائونڊيشن هڪ فنڊ قائم ڪندو جنهن کي **ٿيليسيميه ۽ هوميوگلوبينوپيٿي فائونڊيشن فنڊ** چيو ويندو. ۽ جيڪو فائونڊيشن جي وس هوندو ۽ هنن ذريعن مان گڏ ڪيو ويندو: |
| | (الف) سنڌ سرڪار، وفاقي سرڪار ۽ مڪاني ادارن طرفان ملندڙ مالي مدد (grants) . |
| | (ب) فائونڊيشن جي لڳايل ناڻي جي آمدني. |
| | (ت) چندا (donations) ۽ بخشيشون (endowments) |
| | (ث) حڪومت طرفان رکيل فائونڊيشن جي حوالي ڪيل متحرڪ فنڊ (revolving funds) |
| | (ج) فائونڊيشن کي وصول ٿيندڙ سموريون رقمون ۽ ان جي آمدنيءَ جا ٻيا ذريعا. |
| قاعدن ٺاهڻ جو اختيار Powers to make rules. | 10. هن ايڪٽ جي مقصدن تي عمل ڪرڻ لاءِ سرڪار آفيشل گزيٽ (official gazette) ۾ پنهنجي پڌرائيءَ (notification) وسيلي قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |
| ڏوهه سزا جوڳو ۽ ڪيس هلائڻ جوڳو هوندو. Offence to be punishable and | 11. جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڪرمنل پروسيجر 1898، ( criminal procedure 1898) جي منحرف نه آهي ته هن ايڪٽ جي روشني ۾ سزا جوڳي ڏوهه جي ضمانت ٿيندي ۽ هن ايڪٽ جي روشنيءَ ۾ جڊيشل مئجسٽريٽ ( judicial magistrate) ڪيس هلائيندو. |

triable.

ڏوهہ بابت عدالتي اختيار
Cognizance of an offence

12. هن ايڪٽ جي مطابق ڪا بہ ڪورٽ پاڻمرادو ڏوهہ بابت عدالتي ڪارروائي نٿي ڪري سگهي سواءِ ان جي تہ سيڪريٽري هيلٿ سروسز يا ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر يا ان طرفان اختيار ڏنل ڪو بہ ماڻهو ڪا لکت ۾ شڪايت ڪري.

هي آرڊيننس (Ordinance) ٻين قئعدن کي بي اثر ڪري ڇڏيندو.
Ordinance to over ride other laws etc.

13. لاڳو رهڻ واري عرصي دوران هن ايڪٽ جو اثر ٻين قانون تي پوندو.

هاڃي کان بچاءَ جي پڪ
Indemnity

14. هن ايڪٽ هيٺ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ چڱي نيت سئن ڪئي وئي آهي تہ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪئہ استغائي ڪئرروائي، ڪو ڪيس ۽ ان تي ڪا ٻي قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**